# سُهڻي

ڪتابي سلسلو



منتو
ورمبد

'ادب لو' جو
# سُهڻي
(ڪتابي سلسلو)
ڪتاب نمبر ١٧

# يادن جي زنجير
پيڳوان تلوائي

ترتيب ڏيندڙ
نسيم احمد ڪرل طارق اشرف
ظفر حسن

قيمت: هڪ رپيو
سال لاءِ: ڏهه رپيا

اداره ادب نو
ويسٽ ڪچا، F/45-750
حيدرآباد، سنڌ

# ترتيب


پنهنجي طرفان... ترتيب ڏيندڙ

## ڪهاڻيون

| | | |
|---|---|---|
| يادن جي زنجير | يگوان تلواڻي | ٦ |
| موالي | نديم قاضي | ٢٤ |
| ڦشپ | ولي رام ولڀ | ٣٦ |
| آٿت | نسيم احمد کرل | ٤٣ |
| ويران ـ آولداهو گهر | طارق اشرف | ٥٤ |

## شعر

| | | |
|---|---|---|
| غزل، نظم | ارجن حاسد | ٧٠ |
| غزل | قيوم صائب | ٧١ |
| وائي | زيب پتي | ٧١ |
| نظم | عبدالجبار جوڻيجو | ٧٢ |

## هڪڙو شاعر

| | | |
|---|---|---|
| آزاد نظم، هيڪو، تعارف | عبدالحق عالماڻي | ٧٣ |

## مضمون

| | | |
|---|---|---|
| مختصر ڪهاڻيءَ جو فن ۽ ارتقا | شمس الدين عرساڻي | ٧٨ |

## تنقيد ۽ راءِ

| | | |
|---|---|---|
| پڙهندڙن جا خط | پڙهندڙن وٽان | ٩٨ |
| ٽائيٽل ڊزائين | عاشق حسين | |



(سڀ حق ۽ واسطا قائم)



سول ايجنٽ: اديبات، ٥ـ سول اسپتال روڊ، حيدرآباد، سنڌ.
پارٽ ٢: ڪولج پبليڪيشن، ع ـ گريٽ ويسٽرن بلڊنگ، اپالو اسٽريٽ
بمبئي نمبر ١، پارٽ.

ڇپائيندڙ: اداره 'ادب نو'، ڇپيندڙ: جمالي پرنٽنگ پريس مدينه مارڪيٽ
گاڏي ڪاتو، حيدرآباد سنڌ، ٽائيٽل: واحد پريس، نوڙي چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.
تعداد: ٻه هزار ١٠/١٩٦٧

یادن جي زنجير
سوالي
پشپ
آڌت
ويران - اونداهو گهر

# ڪهاڻيون

پيگوان ٽلواڻي
نديم قاضي
ولي رام ولڀ
نسيم احمد کرل
طارق اشرف

”چا!“

”ها ها ها...،“ هڪ ٽهڪ ڳونججي اٿيو هوا ۾.

”چا ٿو چوين؟“

”چا ٿي چوين!“

”پهرين تون چؤ“

”جيڪي تو ٿي چيو.“

”ٻڌاءِ نه؟“

”ٻڌءِ ڪوله!“

...

چپ —

”ڪرشن“

...

”ڪرشن.“

”هون.“

”هو چنڊ.“

”ڪٿي؟“

”مٿي.“

”ل ل.“

”تڏهن!“

”هتي، منهنجي پرسان.“

”ڪنا.“

”ٻڌ.“

...

درشنا ٻڌ.“

”ٻڌاءِ.“

”هوءَ ول ڏس.“

”ها وڻ ڪي جڪڙجي ويئي آهي.“

...

”خاموشي — گهري خاموشي.

رڪشا هلي رهي هئي ۽ رڪشا جي جهوٻن ۾ نون هنڪي پاڻ سان جڙي ڇڏيو.

چانڊوڪيءَ جي ڏنڌلي روشنيءَ ۾. وداع ٿيڻ جي جڳهه اچي ويئي.

روز جيان هٿ مليا، ٻانهون هڪ ٻئي سان جڪڙجي ويئون. سر جهڪيا ۽...!

هڪ ٻئي کان الڳ ٿيندي ٿيندي، مون وري ڪيس چڪي ورتو. هن ٻنهنجو مٿو منهنجي سيني تي رکيو ۽ لرزندڙ آواز ۾ چيو، "ڪرشن."

"درشن —"

"هاڻي هي يادون، هي راتيون، هيءَ هڪ هڪ منٽ جي جدائي... مٿي نه ٿي وڃي. رات، رات توکي ڏاڍو ياد ڪيم."

"مون به."

"سچ."

"ٻوءِ."

روئيءَ بعد اسين باغ ۾ هڪ ٻئي جي ڪمر ۾ ٻانهون وجهي گهمندا هئاسون ۽ جڏهن ٿڪندا هئاسون ويهي رهندا هئاسون. اوستائين جيستائين ننڊ نه ستائي. هاسٽل جي قاعدي قانون جي ڪنهنکي پرواه. چوڪيدار مشڪي دروازو کوليندو هو. هوءَ منهنجي ڪلهي تي هٿ رکي آهلي پئي هئي. مٿي چنڊ مشڪي رهيو هو. سامهون ڦوهاري مان پاڻي تمام مٿي وڃي وري قطرا قطرا ٿي واپس هيٺ ڪري رهيو هو. پاسن جون رنگين روشنيون انهن شفاف قطرن کي هيرن جو ڏيک ڏئي رهيون هيون. هوءَ ُچپ ُچپ.

"درشنا."

"هون."

"ڇا پئي سوچين؟"

"ڪجهه نه."

"ڪجهه ته آهي."

"نه نه ڪجهه به نه — ڪرشن."

"جي."

"سيان اسين گڏجي فوٽو ڪڍائينداسون."

"ڇو."

"دل ٿي چوي."

"آهي جو."

"ڪهڙو؟"

"هو گروپ وارو."

هو. منهنجي هٿ ۾ رت هاڻو چاقو هو...!"

مون موالي ڏانهن ڏٺو. هو سلاخن واري روشندان مان آسمان ڏانهن ڏسي رهيو هو. منهنجي اکين مان گرم ڳوڙها لڙڪندا ۽ ڳلن تان ترڪندا زمين ۾ جذب ٿي ويا.

---

'موالي' نديم قاضيءَ جي نئين ڪهاڻي آهي. سندس پهرين ڪهاڻي 'ڪهاڻي' مارچ ١٩٦٧ع ۾ 'روح رهاڻ' مخزن ۾ ڇپي هئي ۽ سندس ٻي ڪهاڻي به ساڳي مخزن ۾ ڇپي هئي. نديم قاضيءَ جو پورو نالو نثاراحمد قاضي آهي. نديم ١٩٤٢ع ۾ شڪارپور ۾ پيدا ٿيو. ١٩٦٠ع ۾ اتي جي نيوايرا هاءِ اسڪول مان ميٽرڪ پاس ڪيائين. ١٩٦٤ع ۾ گورنمينٽ ڪاليج شڪارپور مان بي-اي ۽ ١٩٦٦ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان انگريزيءَ ۾ ايم-اي ڪيائين. پهرين شاهه عبداللطيف گورنمينٽ ڪاليج ميرپورخاص ۾ ليڪچرار هو ۽ هاڻ مسلم ڪمرشيل بينڪ شڪارپور ۾ هڪ سٺي عهدي تي آهي. سندس هيءَ ڪهاڻي پهرين ٻنهين ڪهاڻين کان وڌيڪ سٺي آهي. نديم جي هن ڪهاڻيءَ ۾ فني پختگي آهي. ۽ ڪانئس اها اميد رکي سگهجي ٿي ته اڳيان هلي نديم وٽان سٺيون ڪهاڻيون ملنديون.

—ادارو

مين سوئچ ۾ ويندڙ تارن کي ڪٽي ڇڏيم، ۽ مين وائر سان هڪ تار ڳنڍي انهيءَ کي پنهنجي ڪمري واري تار سان ملائي ڇڏيم. لنڊو بلب لاهي بازار مان آندل ٽئون ۾ سؤ پاور جو بلب هنيم. لوهي پائيپ کي پنهنجي هنڌ تي رکيم. شام کان پهرين ئي مون مڪمل تياري ڪري ورتي ۽ هاڻ مونکي بيچينيءَ سان رات جو انتظار هو. رات ٿئي ۽ مان جن سان آخري ملاقات ڪريان ۽ مونکي ذهني سڪون ملي، جيئن جيئن تي انتظار ڪيم، وقت ويو تي وڌندو. ليٽ مس مس رات آئي، مون اڳي ٻاهرين بتي ٻاري ڏني، پر مين سوئچ مان وائر نڪري وڃڻ ڪري بتي نه ٻري. پڪ ڪرڻ لاءِ وڏي ڪمري جي بتي به ٻاري ڏنم، پر اها به نه ٻري، پنهنجي ڪمري جي بتي جو بٽڻ دٻايم، ۽ سؤ پاور جو بلب سج وانگر ٻرڻ لڳو. مونکي پنهنجي انتظام تي خوشي ٿي، ويهاڻي جي پرسان ٽارچ رکي بلب وسائي، هنڌ تي ليٽي، جن جو انتظار ڪرڻ لڳس. ويهاڻي جي پرسان رکيل منهنجي واچ جا ريڊيم اکر چمڪي رهيا هئا. ساڍا ڏهه لڳا هئا. مون سگريٽ دکايو ۽ آهستي آهستي ڪش هڻڻ لڳس. منهنجي ذهن ۾ جن سمايل هو. ’ڇا اهو واقعي جن آهي؟ جيڪڏهن اهو جن آهي ته پوءِ انهيءَ جو لڪي چوري اچڻ سان ڪهڙو مطلب! جيستائين مونکي خبر آهي ته جن فقط ڏيچاري سگهي ٿو، باقاعده وڙهي نٿو سگهي ته پوءِ هي ڪير آهي! ڪو ماڻهو؟ پر پنجن سالن کان ڪنهن ماڻهوءَ جو هن خالي جاءِ ۾ ڪهڙو مطلب! ڪو چور هوندو. پر چور ڏينهن جو غائب ۽ فقط رات جو اچي! مون چڱيءَ طرح گهر جو جائزو ورتو هو، گهر ۾ ڪي به اهڙا آثار نه هئا جن مان ثابت ٿئي ته هتي ڪا ملڪيت لڪل آهي يا ڪڏهين هئي. فقط هڪڙي ڪمري ۾ ڪٽ پيل هئي. ۽ انهيءَ ڪمري کي ڏسڻ سان محسوس ٿئي ٿو ته هتي هڪڙو نه بلڪ ٻه ماڻهو ايندا آهن، ڇو ته نشان گهڻا ۽ ٻن مختلف پيرن جا آهن. جن لاءِ انهيءَ ڪري خيال آيم، ڇو ته جيڪر جن هجي ها ته منڊس پيرن جا نشان نه هجن ها. ۽ جن جو ڪٽ سان ڪهڙو واسطو!‘

انهن ئي خيالن ۾ هڪ ٿي ويو. جن جي اچڻ جا ڪي به آثار نه پئي نظر آيا. ۽ هاڻ مونکي ننڊ به پئي آئي، گهڙيءَ گهڙيءَ اوٻاسيون پئي ڏنم، نيٺ ننڊ اچي ويم. ۽ جڏهين اک کلي ته ڏٺم وڏي ڪمري ۾ روشني هئي، ڏينهن ٿي ويو هو ۽ سج جي روشني شيشن مان اندر آئي پئي.

’انهيءَ جي معنيٰ اها ٿي ته رات جن صاحب نه آيو. گذريل .

عبدالحق عالماڻي

# آدم بوءِ

ذرتي، آدم بوءِ، آدم بوءِ ڪندي رهي
انسان پوش پوش ٿيندو رهيو.
ذرتي وري بہ ساڳي سئين هٿندي رهي
انسان اٿين ئي وهلور ويندو رهيو
مگر ذرتي بس نہ ڪئي ۽ آواز ڏيندي رهي
ليڪن انسان اهوئي چرڪندو رهيو

ذرتي ڏڙڪندڙ ذرتي جيڙري جاڳندي ذرتي
جنهن جي سيني ۾ ساءُ پري دل هئي،
آدجڳاد جا اذما، سور ۽ ناسور رهيا
جنهنجي الاهي صفتن انسان کي جنم ڏنو
اها ذرتي آدم بوءِ، آدم بوءِ ڪندي رهي
۽ ان جو انسان پوش پوش ٿيندو رهيو

ذرتي ڪا ڏيهہ جو ڏاڻ ڪانہ هئي
جا راتو رات هوس جي چراخ تي چڙهي،
ڏند ڪرتيندي قبرستان جي ڪنڊ ڪڙڇ واسيندي
هڪڙن جو هيالوَ ڪيڏندي ۽ ٻين کي حراس ۾ وجهندي آهي
ذرتي مقدس بيداغ ۽ بيدار ذرتي
جنهنجي درد مند دامن سيني لاءِ پناهہ هئي
اها ذرتي جا هيڪل وياڪل ۽ ويران هئي
اهي انسان جي هوندي سوندي ڪين هئا
جن وٽ ڪابہ خوشي ۽ خشبوءِ ڪالہ هئي
جيڪي ماٺيپي جي منڊ وڃائي ولها تي چڪا هئا
انهن ڏتزيل انسان لاءِ تڙپندي تي رهي
هوڏالهن هو حواس وڃائي پراهان ٿيندا ٻئي ويا

ذرتي، مقدس محترم، ذرتي انسان جي ماءُ
جنهن جي جيوت ۽ اولاد سان جنگين جي جٺ هئي
جنگيون جي حڪمراني جي هوس ۾ لڙيون ويون

جنگيون جي آزادي ۽ امن جون ٻاڙون پٽينديون رهيون
جنگيون جي مقدس محبتن جو جنازو کيڏنديون رهيون
جنگيون جي اسالي قدرن کي نيست انابود ڪنديون رهيون

ڌرتي عظيم ڌرتي جنهنکي بلڪل حقير سمجهي
انسان انکي اڄ ٻه ٽڪرا چند ڏالهن چڙائي ڪئي
محض انلاءِ (جيئوٽيڪ ڳالهه ٻه ٽيا ٻه هجي)
ته جيئن ٻاڻ کي محفوظ رکي، ٻين جي ذات لاءِ
تباهي، بربادي، ظلم ۽ ستم جو باعث بڻجي
مٿاهون ٿيڻ جي ڪيائين، پر حقيقت ۾ هيٺ ۽ نيچ هو.

ڌرتي آدم بوءِ، آدم بوءِ ڪندي رهي
۽ ولهيءَ وارا واڪا ڪندي چولدي رهي
اوري آءُ او انسان، منهنجا جگر سندم اولاد
ته مان تنهنجي سڪل سڙيل رت کي نئون ريج ڏيان
تنهنجي ڳريل مريل جسم ۾ ڪو نئون روح ڦوڪيان
ڌرتي درد سند ڌرتي برابر آواز ڏيندي رهي
مگر انسان مجبور انسان اهو ئي چرڪندو رهيو.

عبدالحق عالماڻي

## زندگي جي راهن تي

زندگي جي راهن تي هلندي
وقت جي واريءَ تي
تنهنجي قدمن جا نشان نهاري
گذريل گهڙيون ساري
منزل جي تلاش ڇڏي ڏنم.
اينو رهيس اتيئي
تنهنجي قدمن تي نظرون ڄمائي
صديون گذري ويون
ماضي جي کنڊر رلندي
ڪير آيو ڪير ويو
ڪا خبر نه هئي.

عبدالحق عالماڻي

# نرالو گيان

مون توکي ڏٺو ته،
دنيا وسري ويئي،
۽ دنيا ڏانهن نهاريم ته
تون ياد نه رهين.

ائين ئي
وقت جي ڌار
وهندڙ پاڻي جئان
وڌندي رهي، ويندي رهي
پري تمام پري
۽ منهنجا پور پاڇي جئان
اتيئي بيٺا رهيا.
جڏهن سج لٿو
۽ پاڇا پاسيرا ٿي ويا
ته مون ٿڌو ساهه کڻي
پاڻ ۾ جهاتي پاتي.
ائين ڪندي
مولکي 'مان نظر آيس'
۽ پنهنجي ئي ڏيان ۾ لڳي ويس
پوءِ گوتم ٿي اندر مان ايريس
۽ نرالي گيان ۾ گم ٿي ويس
ليڪ مون پاڻکي پائي ورتو.
پڇاڙي چؤطرف
ديدار واريم ته،
دنيا مون ۾ هئي
۽ مون ۾ تون هئين

غزل، نظم
غزل
وائی
نظم

# شعر

ارجن حاسد
قیوم صائب
زیب پڼي
عبدالجبار

هڅرتو شاعر
عبدالحق عالماڼي

## ارجن 'حاسد'

# غزل

سونهن تي جنهن ايمان ڪيو آ! دنيا تي احسان ڪيو آ!
مرڪين ٿي سون ڏانهن نهاري، ڪيڏو تو حيران ڪيو آ!
مکڙين مرڪي مرڪي ساريءَ، دنيا کي ويران ڪيو آ!
پل پل آهي پور لئون هڪ، پيدا ڪنهن انسان ڪيو آ!
هڪ هڪ تي سڀ يار رُسي ويا، تنهنجو ڪنهن ارمان ڪيو آ!
شمع ازل کان ٻاڻ جلائي، محفل کي انسان ڪيو آ!
تن جو کهڙو دين ڌرم جن، الفت کي ايمان ڪيو آ!
غربت جي مجبور تمنا، وک وک تي طوفان ڪيو آ!
بک ۾ پاهه پٽي انسان، 'ڏک' دنيا کي دان ڪيو آ!
ٻوڙو اندو گونگو آهين، توکي ڪنهن ڀڳوان ڪيو آ!
سنڌوءَ کي اڄ ماءُ سڏي مون، پنهنجو اوچو شان ڪيو آ!
سچ جي سٽن هٽي تو 'حاسد'، دنيا جو اپمان ڪيو آ!

# نظم

ٻٽيو هيءُ جڳ جي ڪوڙ ڪلور،
لٽيو سٽندو ڪوئي ٻي منصور،
اسين ايندا سين!
ٻٽيو هر زخم اگر ناسور،
نه لهندي سوچ نه لهندو سور،
اسين ايندا سين!
جڏهن هر وات تي هوندي ٻات،
ٻٽي ڪو ٻنيٽ يا ڪا لات،
اسين ايندا سين!
جڏهن وک وک تي هوندو اندُ،
اسالڪي سوريءَ جو سڳندُ،
اسين ايندا سين!
ٻچائي گهٽيءَ گهٽيءَ کان پنڌ،
منڙي ماءُ! ڪپائڻ ڪندُ،
اسين ايندا سين!

عبدالجبار

# ڪاتيءَ ـ ڪني

('ليوخولان'، چين جي شانشي صوبي جي هڪ بهادر ڇوڪري ٿي گذري آهي. هنکي ١٩٤٧ع ۾ رجعت پسندن قتل ڪيو، ڇو ته هن عوامي سرخ فوج جي حمايت نه ڇڏي. جڏهن کيس قتل ڪيو ويو ته سندس عمر پورا ١٥ سال به نه هئي. سندس يادگار پتلا شالگهائي ۾ پين شهرن ۾ موجود آهن. ٿئين چين ۾ هن جي حيثيت عوامي سورميءَ جي آهي. 'مائوزي تنگ' سندس قتل ٿيڻ تي هيئن لکيو، 'عظيم ٿي جائي، شاندار ٿي مئي.' هيءَ نظم شالگهائي ۾ يادگار پتلي اڳيان لکيو ويو. عبدالجبار)

ڪاتيءَ ـ ڪُني،
ڪاتيءَ ـ ڪُني اي ڪلي!
ڇا لئه ڪُٺئين؟
تو ڇا ڏنو ـ ڪاتيءَ ۾ ڇٺو؟
ماءُ جنهن توکي ڄڻيو،
صد آفرين تنهن کي چوان،
چوڏهن بهارون تو ڏٺيون، پندرهين خزان،
ڪاتيءَ ـ ڪني اي ڪلي!
خود اڏيءَ تي سر ڌري،
تو مرتبو حاصل ڪيو،
تنهنجي همت کي آفرين،
چين جي اي سورمي،
ڪاتيءَ ڪني اي ڪلي!
شانشي جي سر زمين
ناز ٿي توتي ڪري
آزاديءَ جي پنکڙي
ڪاتيءَ ـ ڪني اي ڪلي
گل جهڙي لينگري
نذر تنهنجي ڇا ڪريان؟
چند لڙڪ آهن اي ادي
ڪاتيءَ ـ ڪني اي ڪلي!
تنهنجي همت کي آفرين

مختصر ڪهاڻيءَ جو فن ۽ ارتقا

# مضمون

شمس الدين عرساڻي

پڙهندڙن جا خط

# تنقيد ۽

جي لحاظ کان، جنھنجي موشگافيءَ ۾ لکندڙ ابتدا کان ئي شامل ھئا، بلڪ ان جي قسم جي تحرير نين اشاعتي حالتن سان بہ مفيد ثابت ٿي. ١٨٢٦ع ۾ 'ائٽلانٽڪ يادگار' (Atlantic Souvenir) جو پھريون نمبر شايع ٿيو، جنھن 'مختصر ادبي ڪم' جي خريد فروخت لاءِ ترت بازار (Ready Market) جو اھتمام ڪيو.

ٿوري عرصي ۾ مختصر ڪھاڻي بيحد مقبول ٿيڄي وئي، ۽ انجي ڪاپي لاءِ بہ ھڪ پوري نئين مارڪيٽ وجود ۾ اچي وئي، ڇاڪاڻ جو ماھوار رسالن جا ايڊيٽر پاڻ ۾ ڇاپيڻي ۾ لڳي ويا، ۽ ھرڪو ڪوشش ڪرڻ لڳو تہ سندس پرچي جا گھڻي ۾ گھڻا صفحا مختصر ڪھاڻي سان پريل ھجن. انھن ايڊيٽرن بہ گھڻو ڪري اھو ئي خيال اختيار ڪيو ھو، جو ارونگ 'مسافر جون ڪھاڻيون' جي پيش لفظ ۾ ظرافت آميز لوع ۾ اظھار ڪيو آھي. ھو چوي ٿو: 'ھي ڪھاڻيون جيڪي سون جوڙيون آھن، سي جيڪڏھين خراب ثابت ٿيون تہ بہ اوھالڪي بلڪل مختصر ڏسڻ ۾ اينديون، ۽ گھڻي دير تائين اوھان کي بيزار نہ ڪنديون، ۽ نہ ئي ٿڪائينديون.' 'پو' انھن پرمنفعت حالات جي اھميت جو ذڪر ڪندي ظاھر ڪيو تہ مختصر ڪھاڻي 'آمريڪي مخزن جو ٻچو' آھي.

مطلب تہ انوقت جي آمريڪي جمھوريت ھن صنف جي ترقيءَ ۾ خاص حصو ورتو. رسالن جا مدير جمھوري ۽ عوامي تقاضائن جي مدنظر، مختصر ڪھاڻي جي گھر ڪندا رھيا. جنھنڪري اھڙا ڪيترا لکندڙ پيدا ٿيا، جن محض وقت جي ضرورتن کي آڏو رکي، ڪھاڻيون لکيون پر اھڙن لکندڙن جي فھرست بہ ڏگھي آھي، جي جمھور جي ذھني سطح کان بلند ٿي لکندا ھئا، انڪري 'پو' جي ڪھاڻين کي تہ ھڪ ناشر شايع ڪرڻ کان ئي انڪار ڪري ڇڏيو ھو!

حقيقت ۾ مختصر ڪھاڻي، ان عام رواجي آکاڻيءَ جي ھڪ ارتقائي شڪل ۽ تجربي جي ڪوشش آھي، جنھنجي پيدائش افسانوي ادب ۾ ھڪ تاريخي ضرورت جي حيثيت رکي ٿي. ناول جي طوالت کي ڪھاڻيءَ جي پيدائش جو سبب ٻڌائڻ يا ايڊيٽرن جي طلب يا پبلڪ جي اسرار ۽ انجي پيدائش جو سبب ٻڌائڻ، تاريخي حقائق کان روگرداني ڪرڻ جي مترادف ٿيندو. مختصر ڪھاڻي ۾ نت اوان تجربا ٿيندا رھن ٿا. سي خود انڳالھہ جا شاھد آھن تہ اھا افسانوي ادب جي ھڪ ارتقائي شڪل آھي، جنھنجي پيدائش فقط انساني فطرت جي ايجاد واري خاصيت ڪارڻ آھي. البت ايترو چوڻ بلڪل درست آھي، تہ ان وقت

ڪردار ۽ فني ترتيب جي ڪاميابيءَ ڪري پيدا ٿيون هونديون.

## ڪردار

ڪردار ڪهاڻي جو اهم جزو آهن، جنکي اهڙي طرح سان نباهڻ گهرجي، جو حقيقي انسان معلوم ٿين. جيستائين ڪردار جيئرا جاڳندا انسان ڏسڻ ۾ نہ ايندا، تيستائين اهي پڙهندڙ جي دل ۾ ڪا بہ مستقل جڳهہ حاصل ڪري نہ سگهندا.

جيئن ڪهاڻيءَ جي تحريڪ ۾، هڪ سنو لکندڙ 'مرڪزي تاثر' کان گهڻو اثر وٺي ٿو، تيئن ڪردارن جي صورت گري ۾ بہ هو ساڳي 'مرڪزي تاثر' کي ڌيان ۾ رکي ٿو، جيڪو هو پيدا ڪرڻ چاهي ٿو. جيڪڏهين مصنف جي منشا آهي تہ سندس ڪهاڻيءَ جو سڀ کان اهم خيال، يا مکيہ منصوبو فقط ڪردارن جي اردگرد ڦرندو رهي، تہ پوءِ ڪيس ڪهاڻيءَ جي باقي جزن، تحريڪ ۽ ترتيب کي ڪردارن جي ماتحت رکڻو پوندو، ۽ هن کي پنهنجي ڪهاڻيءَ کي ابتدائي طور هڪ 'ڪردارن جو خلاصو' بنائڻو پوندو. جيڪڏهين 'مرڪزي تاثر' زندگيءَ بابت هڪ عام حقيقت آهي، تہ پوءِ ليکڪ خاص ۽ نشانده فردن (Marked Individual) جي بدران، پنهنجي ڪردارن ۾ عام انسانن کي نمائندگي ڪرڻ لاءِ اهڙيءَ طرح شامل ڪندو، جهڙيءَ طرح هو پلاٽ جي لاءِ اهڙن واقعات جي چونڊ ڪندو آهي، جي عام طرح سان روزمره جي زندگيءَ ۾ پيش ايندا رهن ٿا. اهڙيءَ صورت ۾ هو پڙهندڙن جو ڌيان پنهنجي ڪردارن جي فقط انهن خد و حال ۽ خصوصيتن ڏانهن ڇڪائيندو، جي سيني درجي جي ماڻهن ۾ مثالي (Typical) آهن.

جيئن تہ مختصر ڪهاڻيءَ کي لازمي طور تي مختصر رکڻو آهي، تنهنڪري ڪردارن جي گفتگو، تعريف يا خاڪي کي بہ طويل ٿيڻ نہ ڏجي. جيڪي بہ تي جملا ڪردار پيش ڪرڻ لاءِ ڇڏجن، تن ۾ هنجو وضاحت سان بيان ڪجي ۽ سندس نقش و نگار کي چمڪائجي. هڪ خداداد قابليت وارو ليکڪ اڪثر ڪري ڪردارن جي عمل دوران، انهن جو نقش ڪيندو آهي. جنهنڪري جيئن ئي ڪهاڻي اڳتي وڌندي رهندي آهي، تيئن پڙهندڙ جي ذهن ۾ ان بابت ڪيترا خيال ۽ تصور پيا پيدا ٿيندا آهن، بلڪل اهڙيءَ طرح سان، جيئن هو حقيقي زندگيءَ ۾ ڪن ماڻهن کي مختلف ڪم ڪندي ڏسي غور ڪندو آهي تہ آهي ڇا ٿا چون ۽ ڇا ٿا ڪن. مطلب تہ ڪردار نگاريءَ جو ڪهڙو بہ طريقو اختيار

جي تورو وقت اڃي ته بلڪل نه هيون. موجوده وقت ۾ جيڪي به نوجوان ڪهاڻيڪار ان ميدان ۾ سرگرم عمل ڏسجن ٿا ۽ جي ان صنف کي ترقي وٺائڻ ۾ ڏينهن رات ڪوشان آهن، تن ۾ آغا سليم، سوهن ڪلپنا، غلام نبي مغل، علي بابا، نظير شيخ، عبدالقادر جوڻيجو، شوڪت راهي، غالب لطيف، طارق اشرف، حميد سنڌي، نسيم احمد ڪرل، ثميره زرين، آسر جليل ۽ ٻيا پيش پيش آهن.

انهيءَ ڪانسواءِ 'روح رهاڻ'، 'سهڻي' ڪتابي سلسلو ۽ ٻين رسالن ۾ وقت به وقت، نون فنڪارن جون تخليقون شايع ٿينديون رهن ٿيون. ڪن ڪهاڻيڪارن جون جيتوڻيڪ اهي ٿوريون تخليقون آهن. جي پڙهندڙن جي اڳو آهن، تاهم انهن ۾ هڪ قسم جي حيرت انگيز فني پختگي پاتي وڃي ٿي. اهڙن نون ڪهاڻيڪارن جي نالن جي فهرست به ڏکي آهي. يقين سان چئي سگهجي ٿو ته 'سنڌي ڪهاڻيءَ' جي مستقبل جون اميدون انهن سان وابسته آهن.

سنڌي ڪهاڻيءَ ايتري ترقي ڪئي آهي، جو هاڻي اسان نهايت ديانتداريءَ سان ان تي تنقيد ڪري سگهون ٿا. الڪي وقت جي هڪ اهم تقاضا سمجهڻ گهرجي. اسانکي ڪپي ته ڪهاڻيءَ جي مسلسل ارتقا ۽ فني لوازمات ۽ اصولن کي مد نظر رکي، سنڌي ڪهاڻيءَ جي فن جو مطالعو ڪريون، ۽ ڏسون ته ڪامياب سنڌي ڪهاڻين جون مجموعي خصوصيتون ڪهڙيون آهن، يا انهن سڀني ۾ ڪهڙيون مشترڪ خوبيون آهن، جي الڪي ٻين زبانن جي ڪهاڻين کان ممتاز بنائين ٿيون؟ يا ٻين زبانن جون اهي ڪهڙيون خوبيون آهن جنکان سنڌي ڪهاڻي اڃا وانجهيل آهي؟ سنڌي ڪهاڻيءَ جي هر فني پهلو مثال طور تحريڪ، پلاٽ، ڪردار، ترتيب، قصه گوئي جي طريقن، سرخي يا عنوان، تمهيد، موضوع ۽ مقاصد ۽ ٻين جي خوبين ۽ خامين تي تنقيدي بحث جي ضرورت آهي. سنڌي ڪهاڻيءَ تي مجموعي انداز جي تنقيد بعد، هرهڪ ڪهاڻيڪار جي فن جو علحيده علحيده تجزيو ڪيو وڃي ته بهتر ٿيندو. ائين ڪرڻ سان هرڪو پنهنجي فن جي بلندين ۽ پستين کان چڱيءَ پر واقف ٿي سگهندو. پر شرط آهي ته اها تنقيد تعميري قسم جي هجي، ان ۾ ادب جي ڀلائيءَ جو جذبو شامل هجي ۽ تخريبي عناصرن کان پاڪ هجي. تنهن ڪانسواءِ فقط اهڙا نقاد ان سلسلي ۾ قلم کڻن، جنکي هن فن تي دسترس هجي، ۽ مغرب جي مختصر افساني (Short Fiction) ۽ هندو پاڪ جي سڀني زبانن جي ڪهاڻين جو اڪثر بيشتر مطالعو ڪيو هجين.

## اورينٽ ۾ رهو - اورينٽ ۾ کائو

حيدرآباد ۾ اوهان جي پنهنجي
بهترين مڪمل ايئر ڪنڊيشنڊ

# هوٽل اورينٽ

امتيازي نشان
امتيازي هوٽل جو

معياري رهائش، عمده، لذيذ ۽ صحت بخش
کاڌن جي لحاظ کان دنيا جي ممتاز
شخصيتن کان خراج حاصل ڪيو آهي

---

سهڻا ڪتاب ڇپائڻ لاءِ 'ادبِ نو' جو نالو ضمانت آهي.

# ادب نو پرنٽنگ ايجنسي

جي معرفت پنهنجا ڪتاب ڇپرايو

سهڻي ڪتابي سلسي جا ٽائيٽل **عاشق حسين** جا ناهيل آهن، اوهين
اسانجي معرفت سهڻا ٽائيٽل ڊزائين ٺهرائي سگهو ٿا.

**ڇپائي ٽائيٽل ڊزائين بلاڪ**

اسين هرطرح اوهانجي مدد ڪنداسين

**'ادبِ نو' پرنٽنگ ايجنسي**

F/45-750، ويسٽ ڪچا، حيدرآباد، سنڌ

